# 3. شاهه جا بيت

شاهه عبداللطيف (1752-1689ع) سنڌيءَ جو عظيم شاعر ۽ دنيا جي چونڊ شاعرن، شيڪسپيئر، هومر، ملٽن ۽ ڪاليداس جو مَٽُ مڃيو وڃي ٿو. هو سنڌ -هند ۾ 'ڀٽائي گهوٽ' جي نالي سان مشهور آهي. شاهه جي ڪلام جو سمورو خزانو 'شاهه جو رسالو' ۾ ڏنل آهي.



نمي ڪمي نهار تون، ڏمر وڏو ڏکہ
منجهان صبر سکہ جي سنواريا! سمجهين
ڪِم! ڪمندن ڪٽيو، هارايو هوڏن
چکيو ناچوندن، هو جو ساءُ صبر جو

چنڊ! تنهنجي ذات، پاڙيان نہ پرين سمِن
تون اَڇو ۾ رات، سڄڻ نِتُ سوجهرا

اڻ چوندن ۾ رچؤ، چوندن چيو وسار،
انئي پهر ادب سين، پر اهائي پار
پايو منهن مونن ۾، غُربت ساڻ گذار
مفتي منجهہ وهار، تہ 'قاضي' ڪانيارو نہ ٿئين.

## نوان لفظ :

ڏمر = غصو، | ڪم = صبر، ڌيرج | هوڏ= هٺ
ساءُ = سواد، ذائقو | پاڙيان = پيٽ ڀريان | پرين = سڄڻ
غربت = غريبي | مفتي = جج | مونن=گوڏن
اَڇو = روشن | ڪانيارو = محتاج | نِتُ = سدائين
سوجهرا = روشني

## اَڀياس

سوال ١ - هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو :-

١. هن دنيا ۾ ڪنهن ڪٽيو آهي؟
٢. شاهه صاحب چنڊ لاءِ ڇا ٿو چوي؟
٣. 'قاضيءَ' اَڳيان ڪنهن کي ڪانيارو نہ ٿيڻو پوي ٿو؟

سوال ٢ - هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو :

١. ’نمي ڪمي نهار تون‘ ستن ۾ شاهه صاحب ڇا سمجهايو آهي؟

سوال ٣ - (الف) خال ڀريو :

١. نمي ڪمي نهار تون، ڏمر وڃو ..................

٢. انئي پهر ............... سين پر اِهائي پار.

٣. مفتي منجهه وهار تہ ............... ڪانيارو نہ ڪٺين.

(ب) جوڙا ملايو

| | |
|---|---|
| ١. چنڊ! تنهنجي ذات | هارايو هوڏن |
| ٢. ڪِرُ! ڪمندن ڪٽيو. | هوُ جو ساءُ صبر جو |
| ٣. ڇڪيو نا چوندن | پاڙيان نہ پرين سين |

## پورڪ اَڀياس

(١) شعر بند تي عملي ڪم :

اَڻ چوندن ۾ چؤ ..................... تہ قاضي ڪانيارو نہ ڪٺين.

(i) هڪ لفظ ۾ جواب ڏيو :

(١) هڪ عدد (٢) ’نہ‘ لاءِ (٣) فيصلو ڪندڙ (٤) وقت سان لاڳاپو رکندڙ

(ii) ’’چوندن ڇيو وسار ‘‘ ست جي سمجهاڻي لکو :

(iii) جوڙا ملايو :

| | |
|---|---|
| (١) پر اِهائي پار | (١) 24 ڪلاڪ |
| (٢) غربت ساڻ گذار | (٢) لاچار نہ ٿئي |
| (٣) ڪانيارو نہ ٿئي | (٣) اِهو ئي سچو رستو |
| (٤) اَٺ ئي پهر | (٤) نهنائيءَ سان زندگي گذار |

(٢) ’قدرت‘ اِن وشيہ تي مضمون لکو.

(٣) وڌيڪ ڄاڻ : اِنٽرنيٽ جي https://en.m.wikipedia.org,ShalAbdullatif.

تي وڃي شاهه صاحب بابت ڄاڻ حاصل ڪريو.

C8YEQY